روزاني

سنڌيار

سکر

ايڈيٽر: اعجاز مهر

Daily SINDHYAR Sukkur
www.dailysindhyar.com

(جلد پهريون) سومر 30 جنوري 2023ع بمطابق 07 رجب المرجب 1444ھ (قيمت 10 روپيا) شمارو 248

اسحاق دار پيٽروليم شين جي اگهن ۾ وڌي واڌ جو اعلان ڪري چڏيو

پيٽروليم شين جي هٿرادو کوٽ جون خبرون سامهون آيون ۽ عالمي منڊي ۾ تيل اگهن ۾ اٽڪل يارنهن سيڪڙو تائين واڌ ٿي: اسحاق دار

اسان کي انهن سمورين ڳالهين کي ڏيان ۾ رکڻو پوندو، پيٽرول جي قيمت ۾ پنجاهه رُپيا في ليٽر واڌ جون افواهون پکيڙيون ويون

گذريل چئن مهينن دوران هڪ پيرو ۾ پيٽروليم شين جا اگهه ناهن وڌايا ويا ويٽر پيٽرول ۽ ڊيزل جي قيمت ۾ اٽڪل ويهه رُپين تائين لاٽ ڪئي

گاسليٽ ۽ لائيٽ ڊيزل جي اگهن ۾ 29 ۽ 30 رُپيا لاٽ ڪئي وئي، اوگرا طرفان تجويز پيش ڪئي وئي ته پيٽروليم شين جي هٿرادو کوٽ کي ختم ڪرڻ لاءِ اگهن ۾ واڌ ڪئي وڃي

پيٽرول ۽ ڊيزل جي قيمت ۾ 35.35 رُپيا في ليٽر جڏهن ته لائيٽ ڊيزل ۽ گاسليٽ جي قيمت ۾ 18.18 رُپيا في ليٽر واڌ جو فيصلو ڪيو آهي

تيل جو نئون اگهه 249 رُپيا 80 پئسا جڏهن ته هاءِ اسپيڊ ڊيزل جي في ليٽر قيمت 262 رُپيا 80 پئسا في ليٽر هوندي: ناٽي وارو وفاقي وزير

اسلام آباد (ڀ ر) ناٽي واري وزير اسحاق ڈار پيٽرول ۽ ڊيزل جي اگهن ۾ 35 رُپين جي وڏي واڌ جو اعلان ڪري چڏيو جڏهن ته نوان اگهه فوري طور تي لاڳو ڪيا ويا آهن. اسلام آباد ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي ناٽي واري وزير اسحاق ڈار چيو ته پيٽروليم شين جي هٿرادو کوٽ جون خبرون سامهون آيون ۽ عالمي منڊي ۾ تيل اگهن ۾ اٽڪل يارنهن سيڪڙو تائين واڌ ٿي. اسان کي انهن سمورين ڳالهين کي ڏيان ۾ رکڻو پوندو سندس چوڻ هو ته پيٽرول جي قيمت ۾ پنجاهه رُپيا في ليٽر واڌ جون افواهون پکيڙيون ويون. گذريل چئن مهينن دوران هڪ پيرو ۾ پيٽروليم شين جا اگهه ناهن وڌايا ويا ويٽر پيٽرول ۽ ڊيزل جي قيمت / بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

تيل اگهه وڌڻ کانپوءِ ٽرانسپورٽن ۾ پاڙا وڌائي چڏيا

پيٽرول جي اگهن ۾ واڌ کانپوءِ آل پاڪستان پبلڪ ٽرانسپورٽ اونرز فيڊريشن پاڙن ۾ 10 سيڪڙو تائين واڌ ڪري چڏي آهي

ڊيزل جي اگهن ۾ واڌ ٽرانسپورٽ سسٽم ڪي تباهه ڪري چڏيو آهي، آل پاڪستان پبلڪ ٽرانسپورٽ اونرز فيڊريشن جي اجلاس ۾ برينفنگ

ڪراچي (رپورٽر) پيٽرول جي اگهن ۾ واڌ کانپوءِ آل پاڪستان پبلڪ ٽرانسپورٽ اونرز فيڊريشن پاڙن ۾ 10 سيڪڙو تائين واڌ ڪري چڏي آهي. ترجمان موجب آل پاڪستان پبلڪ ٽرانسپورٽ اونرز فيڊريشن جي اجلاس ۾ جيپ ويو آهي ته ڊيزل جهاگهن ۾ واڌ ٽرانسپورٽ سسٽم ڪي تباهه ڪري چڏيو آهي. ترجمان موجب لاهور کان راولپنڊي، فيصل آباد ۽ ملتان جي ڪراين ۾ سئو رُپيا واڌ ڪئي وئي آهي جڏهن ته لاهور کان گوجرانوالا / بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

فواد چوڌري جي گرفتاريءَ فيصل چوڌري پاٿم اير نوٽيس رٽن لاءِ سپريم ڪورٽ جي بينچ جسٽس ڪي خط لکي چڏيو

اسلام آباد (رپورٽر) پي ٽي آئي جي سينيئر آگهاڙ ۽ آڳوڻي وفاقي وزير فواد چوڌري جي گرفتاري وارو معاملو فيصل چوڌري پاڻمراد نوٽيس وٺڻ لاءِ چيف جسٽس ڪي خط لکي چڏيو آهي ته ملڪ جي ڪنهن به عدالت ۾ ڪيس جي ٻڌڻي ۽ فيصلي تائين ڪنهن به شخص جي گرفتاري تي پابندي لاڳو ڪرڻ جي درخواست ڪئي وئي آهي. درخواست ۾ چيو ويو آهي ته فواد چوڌري جي گرفتاري ۽ ڪيس جي ٻڌڻي ۾ ڪيترائي قانوني نقطا اٿڻ جا امڪان آهن، جن جو فيصلو ٿيڻ تائين فواد چوڌري جي گرفتاري تي پابندي لاڳو ڪئي وڃ

دڑو ۽ پرپاسي جي مختلف علائقن ۾ مهنگائي جو جن بوتل مان ٻاهر نڪري آيو

دڑو، ٻنون، لاڪڏپور، ابڙال، جهوڪ شريف ۽ ٻين ننڍن وڏن شهرن ۾ ڪاڌي پيتي جي شين جا اڳهه ٻيڻا ٿي ويا

مهانگائي 30 سالن جو رڪارڊ ٽوڙي چڙيو، غريب ۽ پورهيت طبقو ماني جي ويلي لاءِ سخت پريشان

علاقن ۾ وڌندڙ مهانگائي جو فوري نوٽيس وٺي غريب عوام کي رليف فراهم ڪيو وڃي: شهري

دڑو (رپورٽ: شوڪت ميمڻ) دڑو ۽ پرپاسي جي مختلف علاقن ۾ مهنگائي جو جن بوتل مان ٻاهر نڪري آيو. مهنگائي 30 سالن جو رڪارڊ ٽوڙي چڙيو. غريب ۽ پورهيت طبقو ماني جي ويلي لاءِ سخت پريشان. سجاول ضلعي جي شهر دڑو. /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

دڑو: مهانگائي جو جن بوتل مان ٻاهر، روزمره جي ڪاڌي پيتي واريون شيون چوٽ ڇڙهيل

ڈي ايم سي اوپر سميت لاڳاپيل ادارن کي پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ پوندو: شڪيل احمد

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي اوپر ضلعي کي سهولتن سان آراسته ڪرڻ لاءِ ڈي ايم سي اوپر سميت لاڳاپيل ادارن کي پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻو پوندو روڊ ڪٽڻ کانپوءِ، انهن کي اصل شڪل ۾ واپس آڻڻ لاڳاپيل اداري جي ذميواري آهي ايڈمنسٽريٽر ڈي ايم سي اوپر سيد شڪيل احمد روڊن تي غيرقانوني ڪٽنگ برداشت نه ڪئي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

سيراٽي پرسان هڪ ڈينهن لاءِ مفت ميڈيڪل ڪئمپ قائم

ڊاڪٽر ڪرشن لوهاٽو ايم ڊاڪٽر نسيما نياز ۽ ٻين مريضن جو علاج ڪيو

موبائل سروس جو ڪم وڌايو وڃي نه جيئن متاثرن کي فائدو ملي: رهواسي

بدين (رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) سيراٽي شهر جي پرسان گوٺ مرد ۽ عورت ڊاڪٽرن مختلف بيمارين جو علاج ڪيو. خبر موجب نه سيراٽي پرسان گوٺ طرفان مفت موبائيل اسپتال سروس جي هڪ ڈينهن لاءِ مفت ميڊيڪل ڪئمپ لڳائي ويئي جنهن ۾ مرد ۽ عورت ڊاڪٽرن مختلف بيمارين جو علاج ڪيو. خبر موجب نه سيراٽي پرسان گوٺ طرفان مفت موبائيل اسپتال سروس جي هڪ بجل جڪرو ۾ سنڌ حڪومت جي بحالي واري ڪاتي طرفان مفت ميڈيڪل ڪئمپ لڳائي ويئي جهن ۾ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

چتو چنڊ پرسان باهه جو واقعو، 2 گهر سڙي رک

باهه سبب علي حسن جاکرو ۽ غلام رسول جاکرو جا گهر سڙهي رک ٿي ويا

عورتن پاران باهه وسائڻ جي ڪوشش ڪندي هڪ نينگري سڙي پئي

گهرن اندر رکيل اناج هٿ بستر ڪاڌ خوراڪ سونا زيور ڪپڙا پيل رقم ۽ سڙي وڃي هڻ ڊي سي ٽنڊو سميت وس وارن کان مالهي سهائتا جي گهر ڪئي

ٽنڊو (جاويد ميمڻ) چتوچنڊ لڳ گوٺ خان جاکرو ۽ گذريل ڏينهن باهه واقعو علي حسن جاکرو ۽ غلام رسول جاکرو جا گهر سڙهي رک ٿي ويا باهه متاثرن موجب باهه واقعي دوران مرد گهرن ۾ نه هجڻ سبب عورتن پاران باهه وسائڻ جي ڪوشش ڪندي هڪ نينگري سڙي پئي سندس ڇهرو متاثر ٿي ويو جڏهن نه سندن گهرن اندر رکيل اناج هٿ بستر ڪاڌ خوراڪ سونا زيور ڪپڙا پيل رقم ۽ سڙي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

ٽنڊو: باهه لڳل سبب سڙي رک ٿي ويل گهر نظر اچي رهيو آهي

ٽڪي جي پيرل پياسي ملاح جي ڏاڏي لاڏاڻو ڪري وئي

غلام الله (رپورٽر) ٽڪي ضلعي جي سينئر صحافي نگر پبلڪ پريس ڪلب جي جنرل سيڪريٽري غلام الله جي عوامي آواز جي رپورٽر پيرل پياسي ملاح جي ڏاڏي ڪجه وقت بيماري جي علالت ۾ رهڻ ڪانپوءِ وفات ڪري وئي آهي جنهن جي جنازي نماز غلام الله شهرو ادا ڪئي وئي سندس جنازي نماز ۾ سوين شهرين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

ٽنڊو محمد خان ۾ مجلس واحد المسلمين پاران سويڊن واقعي خلاف احتجاجي مظاهرو، نعريبازي

سويڊن ۾ قرآن پاڪ جي بيحرمتي ۽ قائد وحدت علامه راجه ناصر عباس جعفري جي امڪاني گرفتاري خلاف احتجاج ڪيو ويو

سوئيڊن ۾ قرآن پاڪ جي بيحرمتي ڪري مسلمانن جا احساسات مجروح ڪيا ويا آهن. ملوثن کي سخت سزا ڏني وڃي: مظاهرين

فوجداري ترميمي بل 2021 ملڪ ۾ فرقي واريت جي باهه کي وڌيڪ ڀڙڪائڻ ۽ مدد ڪندڙن جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪرڻ ٿا

ٽنڈو محمدخان (ڊ مظفر علي بروهي) ٽنڈو محمد خان ۾ مجلس واحد المسلمين پاران سويڊن ۾ قرآن پاڪ جي بيحرمتي متنازعه فوجداري ترميمي بل 2021ء موجوڊا حڪومت طرفان قائد وحدت علامه راجه ناصر عباس جعفري جي ممڪن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

ٽنڈو محمد خان: مجلس واحد المسلمين پاران سويڊن واقعي خلاف احتجاج ڪيو ويو وڃي

ميرواهه گورچاڻي ۾ برسات متاثر غريب خاندانن ۾ راشن ورهايو ويو

ميرواهه گورچاڻي (رپورٽر) ميرواهه گورچاڻي ۾ عالمي فلاحي اداري منهاج القرآن پاران سو ڪان وڌيڪ برسات متاثر غريب خاندانن ۾ راشن ورهايو ويو. راشن ورهائڻ جو عمل عالمي فلاحي اداري منهاج القرآن ميرواهه گورچاڻي جي صدر عبدالقيوم پاران ڪيو ويو. ان موقعي تي انجمن تاجران جو صدر خليل احمد آرائين، تاجر اڳواڻ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

پٽرول جي اڳهن ۾ واڌ مهانگائي سٽيل عوام سان ظلم آهي: جلال محمود شاهه

وفاقي حڪومت مهانگائي تباهي آڻي ڇڏي آهي ڪرپٽ ٽولن ملڪ جي معيشت کي تباهه ڪري ڇڏيو آهي

مهانگائيءَ جو بحران سنگين ٿي ويو آهي ڪرپٽ حڪومت پنهنجي ڪرپشن جو بار عوام تي وجهي رهي آهي

عوام جي صبر جواب ڏئي ڇڏيو آهي قوم جو پئسو لٽي باهرين ملڪن ۾ ملڪيتون ناهيندڙن کي اين آر او ڏنو ويو آهي

ڪراچي (پ ر / رپورٽر) سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جي سربراه سيد جلال محمود شاهه پنهنجي جاري ڪيل بيان ۾ چيو آهي ته پٽرول جي اڳهن ۾ واڌ مهانگائي سٽيل عوام سان تمام وڏو ظلم آهي هن مهانگائي تباهي آڻي ڇڏي آهي ڪرپٽ ٽولن ملڪ جي معيشت کي تباهه ڪري ڇڏيو آهي جي صبر جواب ڏئي ڇڏيو آهي قوم جو پئسو لٽي باهرين ملڪن ۾ ملڪيتون ناهيندڙن کي اين آر او ڏنو ويو آهي

گهارو واسي نوجوان مڇي جو شڪار ڪندي ٻڏي فوت

ماهيگير محمد جمن ملاح مڇي جي جار ۾ ڦاسي پاڻي ۾ ٻڏي فوت ٿي ويو

واقعي بعد فوتي نوجوان جي گهر ۾ ڪهرام مچي ويو، علاقي ۾ سوڳ

ٽنڈو (ڊ) گهارو شهر جي ميربحر محلي جو رهواسي ماهيگير محمد جمن ملاح ولد علي محمد ملاح گهارو ٽائي جي هوبان برساتي ٻيلي پاڻي ۾ مڇي جو شڪار ڪندي مڇي جي جار ۾ ڦاسي پاڻي ۾ ٻڏي فوت ٿي ويو، جنهن جو لاش گهارو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

مڪلي پوليس خشڪ برادري جو هڪ نوجوان گهران ڪٽي گرفتار ڪري ڇڏيو

گرفتار ڪيل نوجوان عنايت حسين خشڪ جي ڪيترن ئي وارثن پريس ڪلب اڳيان احتجاج ڪيو

گرفتار ڪري گرفتار ڪيل نوجوان عنايت خشڪ کي آزاد ڪري سائٽن انصاف ڪيو وڃي: وارث

ٽنڈو (ڊ) مڪلي پوليس خشڪ برادري جو هڪ وڏيڪ نوجوان گهران ڪٽي گرفتار ڪرڻ بعد گرفتار ڪري ڇڏيو. وارث سخت پريشان. وارثن جو مڪلي تي احتجاج انصاف جو مطالبو ان سلسلي ۾ مڪلي پوليس ٻاران گهران گرفتار ڪري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

ٽنڈو: پوليس جي مبينا نوجوان کي ڪميٽي گهر ڪرڻ خلاف وارث احتجاج ڪري رهيا آهن

بدين: يوسي ڀهدمي جو چيئرمن پ پ اڳواڻ رياض ٻوهڙ ڪنڊيجي ويو

ڪيس قانون لاڳو ڪندڙ اداري جي گاڏين ۾ سوار اهلڪارن پاڻ سان گڏ ڪٽي ويا آهن: ذريعا

رياض ٻوهڙ تي ڪو نه ڪيس داخل ناهي خبر ناهي ڪيس ڇو ڪنهي گهر ڪيو ويو آهي: وارث

بدين (رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) يوسي ڀهدمي جو چيئرمن پي پي اڳواڻ رياض ٻوهڙ بدين سان ڪنڊيجي ويئر گراؤنڈ ۾ ڪجهري ڪري ٻڌايو ته ڪيس داخل ناهي خبر ناهي ڪيس ڇو ڪنهي گهر ڪيو ويو آهي ڪنڊيجي ويئر گراؤنڈ ۾ ڪجهري منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ سنڌ جي مختلف ضلعن مان ڪارڪنن ۽ عهديدارن شرڪت ڪئ

روزاني
سنڌيار
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
ايڊيٽر: اعجاز مهر
سومر 30 جنوري 2023ع

بنا بريڪ رپيوءِ انتشاري سياست

ڊاڪٽر بخت جمال شيخ

جڪوال جي ملڪ بوستان ياران ڊالر جي اڳهه تان ڏکڻ لاهڻ جي اعلان بعد ڊالر تي ڊارجي لڳل هيند بريڪ فيل ٿي چڪي آهي ۽ رپئي جي بنا بريڪ گاڏي لاهي تان تيزي سان هيٺ کاهي طرف ڪرندي نظر اچي رهي آهي. پهرين ڏينهن 243 ۽ هاڻي ڊالر 275 رپين تي پهچي چڪو آهي.ايئن راتورات رپئي ۾ ڪمائيندڙن جي ڪمائي توڙي بجت تقريبن 15 سيڪڙو سُسي وئي آهي. ايئن سرمائي ڪارن کي سال ۾ 17 سيڪڙو ملندڙ وياج يا نفعو هڪ رات ۾ ئي اُگهجي ويو آهي. انڪري ئي مالدار توڙي سرندي وارا پنهنجون رقمون پرڏيهي ڪرنسين ۾ تبديل ڪرائي رهيا آهن يا سون خريد ڪري رهيا آهن. بئي طرف رپئي جي ڪرندڙ ملڪ سبب سرمائيڪارن لاءِ پيٽ وارو ڪم ڪري رهيا آهن، جتي هو رپئي جي ٻڌندڙ ٻيڙي مان پاڻ بچائڻ لاءِ ٽپو ڏئي عارضي پناهه وٺي رهيا آهن سون جو تولو 209,000 رپين کان به چڙهي چڪو آهي ۽ طلب جي پيهه سبب اهو ڪراچي جي مارڪيٽن ۾ حاضر اسٽاڪ ۾ دستياب ناهي پر انجي اڳواڻ بوڪنگ ڪرائٽي پوي ٿي. لنڊن جي عالمي مارڪيٽ ۾ روزانو ڏينهن ۾ به دفعا طئي ٿيندڙ چوويه قراط خالص سون جو آئونس جمعي ڏينهن 1925 ڊالرن تي پهچي چڪو هو پر ڪراچي ۾ انجو اڳ گهٽي رش سبب في تولو اصلي اڳ کان 10 هزارروپيا وڌيل آهي.

ڊيه توڙي پرڏيه ۾ ترسيل پاڪستاني پنهنجون ڊالر ۾ بچتون وڪڻڻ لاءِ آهستي آهستي ٻيڻڪن جو رخ ڪري رهيا آهن جنهن سان هنڊي کان رخ موڙي ڊالر سرڪاري چينل وسيلي استيٽ بينڪ پهچي ڏيڻرن کي بهتر ڪندو. ڪجه سيڙپڪار ايجان وڌيڪ نفعي جي آسري انتظار ڪري رهيا آهن. گهٽي انتظار جي صورت ۾ رپيووڊيڪ ڏهاڙي ۾ رهندو ۽ پنهنجو ملڪ وڃائيندو ويندو. فوريڪس ايسوسيئيشن جو اٽپٽهيل هاٿوڪو صدر، سابق پيلي ٽيڪسي ڊرائيور جيڪو استيٽ بينڪ ۽ اسٽيبلشمينٽ سان گانڍاپڻ ڪري مشهور آهي، ڪجه ڏهاڪا پهريائين پرڏيه مان ايندڙ پاڪستانين کي ڪراچي ايئرپورٽ تان پنهنجي گهر چڏيندي ڪائنس سستي اگ ۾ ڊالرخريد ڪندي ڊالر بادشاه ٿي ويو هو ۽ هاڻي ڪيترين ايڪسچينج ڪمپنين جو مالڪ آهي، تنهن کان هن دفعي اهو ڊڪٽ لهرايو ويو آهي. آمريڪي خابرو اداري ايسوسيئيٽ پريس ملڪ بوستان جو انترويو جاري ڪندي ڪيس معاشي ماهر ڪوليو آهي. لنڊن مان آيل لاهور جوچارٽرڊ اڪائونٽنٽ سابق ۽ موجوده خزاني جو وفاقي وزير اسحاق ڊارجيڪو دعوا ڪندو رهيو ته ڊالر 200 کان هيٺ ڪرندو، تنهنجي چين تي مات جي مهر لڳل هئي پر مفتاح جي طنزيه ٽهڪن ۽ ترين جي دعوائن ان مهر کي به لاهي چڏيو آهي ۽ جمعي جي پلاري ڏينهن رات جو ويهر سان خطاب ڪندي هن عمران خان جي چئن سالن جي حڪومت ڪي سجي خرابي جو ذميدار قرار ڏيندي ڪيس مناظري جي دعوت به ڏني چڏي. غصي ۾ پريل ڊارجيٽوٽيڪ وڏا انگ اکر پيش ڪيا ۽ ڪنهن حد تائين سندس اها ڳالهه صحيح هئي ته گذريل حڪومت جو ڏيان معيشت ۽ گورننس تي مرڪوز هئڻ بجاءِ مخالفن تي مقدمن ۽ سندن جيل ياترا تي هو.

پر ڊار کي ان ڳالهه جو احساس ٽيڊ گهرجي ته هو هاڻي خزاني جو وزير آهي ۽ سندس ڪم مسئلن کي حل ڪرڻ آهي نه ڪي عمران خان وانگر ماضي جون مزارون کوٽڻ.

ڊالر جي اگ وڌڻ سبب ڊار جي ساک به متاثر ٿي رهي آهي جنهن کي بچائيندي چئن مهينن بعد لنڊن مان لاهور پهچندي سندس آڏر پاءُ لاءِ ايئرپورٽ تي ايندڙن کي خطاب ڪندي مريم نواز اپيل ڪئي آهي ته سندس پيٽروليئي جي پي ۽ ڊار جي ٽنگن کي نه چڪيو وڃي ۽ يقين ڏياريو آهي ته هو ملڪ جي معاشي مسئلن کي حل ڪندو. ان کي مٿائس اعتبار ڪيو وڃي.

ملڪ بوستان جي اعلان بعد آءُ ايم ايف به اعلان ڪيو آهي ته هواڳاري تي اسلام آباد ڳالهين لاءِ پهچي رهيا آهن، جيڪي ڏهه ڏينهن جاري رهندڙيون. سمجه ۾ ايئن اچي رهيو آهي ته ڪرنسي کي آزاد چڏي رپئي جو ملہ مارڪيٽ ۾ رسد ۽ طلب موجب مقرر ڪرڻ ۽ وياج اگ وڌائڻ عالمي اداري جا مک شرط هٽا جنهن جي ڊار مخالفت ڪري رهيو هو، وزيراعظر شهباز شريف به اميد ظاهر ڪئي آهي ته فيبروري ۾ عالمي اداري سان معاملا طئي ٿي ويندا. سندن ٻيا شرط پيٽرول توڙي ڊيزل تي 17 سيڪڙو جي ايس ٽي لڳائڻ ۽ پيٽروليم ليوي وڌائڻ آهي. انڪري سندن اسلام آباد ياترا کان پهريائين يا بعد ۾ پٽرول 300 رپيا لٽر، بجلي، گيس جا اگ ٻيٽا ٽيڻ جو امڪان ظاهرڪيو پيو وڃي جنهن سان مهانگائي وڌيڪ چوٽ چڙهندي چو ته ڊالر نه هٽڻ سبب اسٽيٽ بينڪ پاران اڳي ئي ڪوليل 4 ارب ڊالرن جون ايل سي يا ليٽر آف ڪريڊٽ تي ڏنل واعدا پورا ڪرڻ ۾ ناڪامي سبب ڪراچي بندر تي ضروري سامان جا 9000 ڪنٽينر ڪيترن ڏينهن کان ڦاٽل آهن. ڊالر بجلي، گيس، وياج، نئين ٽيڪسن ۽ ڪراين جي گهٽي واڌ سبب آءُ ايم ايف جا شرط ته پورا ٿي ويندا ۽ 1.1 ارب ڊالرن جي قرض جي رکيل قسط ملي به ويندي پر پيداوار جي لاڳت بي انتها وڌڻ سبب مها مهانگائي خاص طور 60 سيڪڙو غريبن لاءِ موت جو پيغام هوندي جنهن سان فساد به ٿُڦي سگهن ٿا. آءُ ايم ايف جي سخت شرطن سان مشروط امداد دراصل ايمرجنسي ۾ ڪنهن مريض جي پاڻهن مان ڏ ڪري وهندڙ رت کي روڪڻ لاءِ پتي بڏن برابر آهي. جنهن کان پوءِ مريض کي اها هدايت ڏئي ايمرجنسي وارڊ مان ڊسچارج ڪيو ويندوآهي ته بئي ڏينهن فلائيون فلائيون ٽيسٽون ڪرائي او پي ڊي ۾ ڊاڪٽر کي ڏيکارجو جيئن آپريشن ڪري ناهڻ ۾ راڊ وجهي هڏي کي سڌو ڪري سگهجي.

پاڪستاني معيشت جو غيرفميدار مريض ان هدايت تي عمل ڪرڻ بجاءِ پنهنجي ڪرت سان لڳي وڃي ٿو. ايئن هردفعي بن ٽن سال بعد بيماري پيهر اٿڻ سبب ساڳي اسپتال جي ايمرجنسي جو در کڙڪائي ٿو. پاڪستان گذريل 73 سالن ۾ 23 دفعا آءُ ايم ايف کڙڪائي چڪو آهي پر بدقسمتي سان ان اسپتال جو علاج تمام گهٽو مهانگو آهي. مريض کي گهرجي ته هو پنهنجي مڪمل علاج لاءِ سرجري ڪرائي جيڪا مريض کي جاڳ جگو پلوٽ ڪري سگهي ٿي پر اها مريض جي مالڪن لاءِ خطرن سان پريل آهي. ان ڪري مريض جا سنياڻيندڙ ان نسخي تي عمل ڪرڻ نٿا چاهين ۽ ناهڻ تي پٽي ٻڌي پنهنجي مشهوري ۾ مشغول آهن ته هو مريض لاءِ نه فقط فڪرمندآهن پر گهٽو ڪجه ڪري به رهيا آهن. ايئن هر ٽن سالن جي وقفي بعد انهن شرطن تي ميڊيائي مناظرن وسيلي ڳالهين کي اينگهائي غيريقيني جي فضا ٺهرائي وڏي پئماني تي ڊالرن جي ذخيره اندوزي سبب مافيائون مال ميڙڻ ۽ ڪامياب ٿي وڃن ٿيون. ساڳي حالت گولائي قرضن جي آهي جنهن جو پائيدار حل بجلي گيس جاڳ وڌائڻ ۾ نه پر چوري، نااهلي، رعائتون ختم ڪرڻ ۾ آهي. گذريل ڏهن سالن ۾ ڪيترا دفعا اگ وڌائڻ باوجود اهوقرض 500 ارب رپين مان وڌي هاڻي 4,200ارب رپين تي پهچي چڪو آهي. انڪري ضرورت انجي آهي ته بجلي جي سرڪاري ڪارخانن کي وڪڻي انهن مان جان ڇڏائي وڃي. جيئن گولائي قرضن مان جان ڇٽي.

جيئن مٿي بيان ڪيوويو ته ان حالت ۾ فساد به ٿي سگهن ٿا جن جي اڳواڻي پي ٽي آءُ جي قيادت ۾ ساڃي ڏر ڪري سگهي ٿي، دهشتگردي به وڌي سگهي ٿي. ٻاهه تي ٽيل هارڻ لاءِ عمران خان سابق صدر آصف علي زرداري تي الزام هنيو آهي ته سندس قتل لاءِ اي ۽ بي منصوبن جي ناڪامي بعد هو سي منصوبي جو ساڻاري آهي جنهن سڌ مان ٽيل مال مان دهشتگردن کي پئسا ڏئي ڪين اهو ڪم سونيبو آهي. عمران خان جي الزامن سبب جنوري جي ٽڏ ۾ سياست گرم ٿي وئي آهي. پيپلز پارٽي وارن چيو آهي ته سندس بيان جو مقصد دراصل آصف علي زرداري ۽ سندس خاندان جي زندگي کي خطري ۾ وجهڻ آهي جنهن سان ڪيس نقصان پهچي سگهي ٿو. بلاول پٽي به انجي مذمت ڪندي چيو آهي ته پهريائين دهشتگرد تنظيمون سندس پارٽي ۽ هن جو نالو وٺي ڏمڪيون ڏينديون هيون ۽ هاڻي عمران خان سندس والد جو نالو وٺي ڏمڪيون ڏئي رهيو آهي جنهن سان هن توڙي سندس والد ۽ خاندان لاءِ خطرا وڌي رهيا آهن.ماضي ۾ به هن سندس والد بابت چيو هو ته هو سندس نشاني ٿي آهي. پنجاب ۽ خيبر پختونخوا جون اسيمبليون ٽٽڻ بعد اڃان تائين چونڊن جو اعلان ناهي ٽيو. اهي ملتوي ڪرڻ جو چٿرويل به هلي رهيو آهي جنهن بابت چيو پيو وڃي ته خود اتحادي حڪومت ۾ شامل پارٽيون به هر آهنگ نه آهن. انڪري موجوده معاشي صورتحال ۾ انکي بهتري جي دعوا ڪندڙ آءُ ايم ايف جو نسخو معيشت کي جلد بهتر ڪري سگهي ٿو يا نه تنهن بابت يقين سان ڪجه چوڻ ته ممڪن ناهي پر اهو يقين سان چئي سگهجي ٿو ته اهو نسخو اتحادي پارٽين جي سياست کي نقصان ضرور پهچائي سگهي ٿو. انڪري ٽي هو چونڊن کي ڪنهن نه ڪنهن بهاني سان اڳتي ڪرڻ چاهين ٿا جيئن کين معيشت کي ڪجه بهتر ڪرڻ لاءِ وٽي ملي سگهجي.

آگسٽ نائين ملڪ ۾ غيريقيني جي فضا قائم رهندي جڏهن نئين نگران وفاقي حڪومت قائم ٽيئ جووقت اڄي ويندو. وچ فيبروري ۾ آءُ ايم ايف ٽيم جي واپسي بعد سندن قسط بابت آگاهي پئ ملي ويندي. عالمي اداري جي بورڊ ۾ ووٽن جو تناسب ڦرندو گهرندو رهندو آهي. هن وقت اڪثر ووٽ آمريڪا ۽ سندن اتحادي يورپ، جپان، آسٽريليا، نيوزيلينڊ جا آهن. چين، روس، ايشيائي ۽ آفريڪي ملڪن جا ووٽ اقليت ۾ آهن. انڪري معاشي معاملي جي سڌرڻ جو گهٽو دارومدار آمريڪا، يورپ جي پنيرائي تي آهي. انڪري ايندڙ ڇ مهينا ملڪ ۽ ماڻهن جي آئيندي لاءِ تمام اهر آهن. ڏسجي ته حڪمران طبقا دوراندیشي جو مظاهرو ڪري چوائي تي بيئل ملڪ کي ايڪويهين صدي جي حقيقتن کي سمجهي صحيح رستي تي لڳائين ٿا يا غلط فيصلا ڪري وڌندڙ خوف ۽ انتشار جي باه تي پيٽرول اڇلائين ٿا.

چا ڪجه تبديل ٿيندو ؟

دلشاد پٽو

آمريڪا، يورپ ۽ عرب ملڪن ۾ رهندڙ اڪثر دوست ۽ عزيز ويندي سنڌ ڏرتي لاءِ هنيا ڦاٽندڙ قومپرست ڪارڪن گهٽو ڪري چوندا آهن ته ڇڏ دوزخ جهڙي ملڪ پاڪستان کي. اڄي يورپ ۽ آمريڪا جهڙي جنت ۾ رهڻ چا رکيو آهي پاڪستان ۾؟ پاڪستان ائين پيو هلندو. ڪجه تبديل نه ٿيندو. جواب ڏيندو آهيان ته هاڻ بلڪل ڪجه ڪرڻ سان ئي سڀ ڪجه تبديل ٿيندو. انسان کان پٺتي پيل ملڪ ۽ قومون اڄ دنيا جون ترقي يافته ، مهذب ۽ خوشحال ٿي ويون آهن.

انهن پنهنجي محنت ، پورهئي ۽ سوچ سان منزلون ماڻيون آهن. انسان جيان رڳو پنج هزار سال تهذيب يافته ۽ پٽائي تي پاڙي نه ويٺا آهن. سيني نه رڳو ممڪن کي ممڪن بنايو آهي پر نا ممڪن کي ممڪن بنايو آهي. انسان وٽ هر وقت نراسائي ۽ نا اميدي آهي.

ميان! ڪجه ڪو نه ٿيندو ، اجايو پيا جَڪ ماريو. اڳر چا ٿيو آهي جو هاڻ ڪجه ٿيندو؟

ڪا ڪوشش ڪرڻ بجاءِ اسين نتيجن جو ڦل حاصل ڪرڻ جا ڪهرجائو آهيون.

اسين محنت ۽ رزق حلال لاءِ ڪمائڻ بجاءِ مفت خور ، پنڻ ۽ ڏوڪڙ وٽن ۾ ٽنگيل هجن جا خواهشمند .جتان لاهي مفت ۾ عياشي ڪريون. پنهنجي ڪا به ذميداري محسوس نه ڪنداسين .چونداسين حڪومت ڪجه نٽي ڪري، ڳوٺ ۽ محلي وارا ڪجه نڪا ڪن. شناختي ڪارڊ ٺهرائڻ لاءِ دلال يا وڏيري جو پاسو وٺنداسين. اڪثريت ماڻهن جي اهڙي آهي جيڪا چاهي ٽي ته اسان جو ڪم ٻ ڪو ٻيو ڪري. سرڪاري ادارن جو ان کان وڌيڪ ڪارو مُنهن آهي. هيڻيان چوندا مٽيان ڪر نڪا ڪن ۽ مٽيان چوندا ٽهيڻيان هڏ حرام ، نا اهل ۽ نڪما آهن. ماڻهو پيا درن تي ليلائيندا ۽ ڌاڙائيندا. گهٽا وري يا شعور چوندا ادا سنڌين سان وڌو ظلم آهي. سنڌي پنجاب جا غلام آهن ،تڏهن ته سنڌين کي سنڌي چيڇلائن پيا. سنڌ ۾ تعليم ،صحت ۽ سمورا ادارا تباهه پوءِ پٽڪو ادا :وفاق ۽ پنجاب جو ظلم آهي. سوال ڪبو ته بابا شهرن ۾ گندگي آهي. ماڻهن کي پيشاب ۽ غلاظت وارو پاڻي ٻ پنجاب پيو پياري ؟

جواب ها سائين اوهان سمجهو نٿا باقي پنجاب سامراج ۽ وفاق ملوٽ آهي. بابا اربين ۽ کربين روپين جي بجيٽ جيڪا کاڌن ۾ ته استعمال ٽي، کاڌي وئي؟

چئي سائين پنجاب سامراج ٽي کائي ويو.

سوچ جو رخ مٽيل، بنا محنت اجورو حاصل ڪرڻ ۽ بنا ڪوشش جي منزل مقصود جا نتيجا اوڳاڙڻ واريون قومون صديون گذرڻ باوجود صرف گوڏا پٽيندیون.

جيڪڏهن چئجي ته ڪوڪن ، پٽاڪن ۽ پوزين تي قوم ترقي ۽ خوشحالي نه ماڻيندي ته جواب ملندو اوهان قوم کي بدنام پيا ڪريو،پنهنجي قوم کي نيچ ڏيکاري ڏارين جي ايجنڈا تي پيا ڪم ڪريو.

صوفِيءَ سيرُ سيِن ۾، جئن رڳن ۾ ساه:
سا نه ڪري ڳالهڙي، جئن پويون پروڙي پساه:
آهِس اِيُ گناه، جي ڪا ڪَري پَڌرِي

خراب معيشت ۽ مهانگائي جو سڄو بار عوام تي

ملڪ جي معيشت جي خراب حالت هجي يا مهانگائي جو وڌندڙ طوفان ان جو سڄو بار عام عوام تي ئي پئجي رهيو آهي، وري جڏهن حڪمران بچت جا منصوبا ٺاهين ٿا ته ان جو شڪار به عام ماڻهو کي ڪرڻ جو سوچين ٿا، مطلب ته عام ماڻهو کي شڪار ڪري حڪمران ڪلاس يا اشرافيا پنهنجو بندوبست ڪرڻ جي ڪوشش ۾ رڌل آهي.عوام کي اڳ ئي ڪو رليف يا رعايت نه ٽي ملي رهندو انهن کان جيئن جو حق به کسڻ جي ڪوشش ٽي رهي آهي. اصولي طور ٽيڻ ته ايئن گهرجي ته جيڪي به مراعت يافته طبقا آهن يا غير پيداواري خرچ آهن جيڪي ملڪي نانٿي تي بار بڻيل آهن انهن کي ختم يا گهٽ ڪري معيشت کي سنيالڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي ته جيئن مهانگائي به گهٽ ٽئي ته عوام کي به سرڪار کي سهولتون مهيا ڪرڻ جي پوزيشن ۾ اچي پر حڪمرانن جي قدمن مان لڳي نه ٽو ته ڪو انهن کي عوام جو فڪر آهي. انهن کي ته سجي پريشاني اها آهي ته عوام تي جيترو بار وڌهي سگهجي ته وڌهجي جيئن حڪمران يا اشرافيا ڪلاس جون مراعتون برقرار رهن انهن کي معيشت جي ڳٿتي به عوام جي ڪري نه آهي پر اهو ڊپ آهي ته سندن ڪلاس جا خرچ ڪٽان پورا ٽيندا جيڪڏهن معيشت وڃي ترو ورتو. شماريات ڪاتي جا هن هفتي جا انگ اکر آهن ته ملڪ ۾ مهانگائي وڌي وڃي ساڌا ٻٽيهه سيڪڙو تائين پهتي آهي ۽ انهن 25 شين جي اڳهن ۾ واڌ ٽي آهي جيڪي عام استعمال۽ ڪائٽ پيئڻ جون شيون آهن.ڊالر جو اڳهه روز وڌي رهيو آهي ۽ سون جي قيمت في تولو به لک رپين کان به چڙهي وئي آهي. هوڏانهن حڪومت وري معيشت کي بهتر بنائڻ يا سالياني 10 کرب رپيا بچائڻ لاءِ جيڪي سفارشون جوڙي رهي آهي ان سان عام سرڪاري ملازم يا مڊل ڪلاس ماڻهو لاءِ گذارو ڪرڻ مشڪل ٽي ويندو چاڪاڻ ته ڊالر جو اگهه وڌڻ ۽ مهانگائي ٽيڻ سبب رپئي جي ڪا اهميت نه رهي آهي جيڪو ماڻهو اڳ پنج سئو رپين ۾ ڏينهن جو گذران ڪري ويندو هو هاڻي ان لاءِ هڪ هزار رپيا به پورو نه ٽو پوي ۽ ان جي ڪمائي وڌڻ بدران گهٽجي رهي آهي جڏهن ته سرڪار وري انهي سرڪاري ملازمن جي پگهار 10 سيڪڙو گهٽائڻ جو سوچي رهي آهي. قومي ڪفايت شعاري ڪاميٽي جون سفارشون وزيراعظر آفيس کي وصول ٽي ويون آهن . ڪاميٽي سالياني 500 ڪان هڪ هزار ارب رپين تائين بچت جي قدمن جي سفارش ڪري چڪي آهي. ڏريعن موجب بيورو ڪريٽس ۽ ججن ڪان هڪ ڪان وڌيڪ پلاٽ واپس وٺڻ جي سفارش ڪئي وئي آهي. ڏريعن مطابق جون 2024ع تائين وفاقي وزيرن، پارليامينٽ جي ميمبرن پگهارن ۽ مراعتن ۾ 15 سيڪڙو گهٽتائي جي سفارش ڪئي وئي آهي، سرڪاري ملازمن ۽ آفيسرن جي پگهارن ۾ 10 سيڪڙو گهٽتائي جي سفارش ڪئي وئي آهي، ڪاميٽي غير ملڪي دورن تي پابندي جي به سفارش ڪئي آهي. ڏريعن مطابق قومي ڪفايت شعاري ڪاميٽي جون سفارشون منظوري لاءِ ڪابينا ۾ پيش ڪيون ويندیون. ڪفايت شعاري ڪميٽي جيڪي سفارشون ڏنيون آهن ان سان سڀ کان وڌيڪ اهي ملازم متاثر ٽيندا جن جي پگهارهڪ لک يا ان کان به گهٽ آهي.جڏهن ته پروٽوڪول کان وٺي وڏن عهدن تي ويٺل ڪي جيڪي سرڪاري خزاني مان رعايتون ملي رهيون آهن انهن کي گهٽ ڪرڻ جي ڪا سفارش ٽيل نه آهي ته ڪيئن گئس بجلي کان وٺي ايڪڙن ۾ پکڙيل گهر ۽ انهن لاءِ اسٽاف جيڪو سرڪاري خزاني تي پلجي ٽو اهو گهٽ ڪجي . ايئن سمجهون ٿا ته سرڪاري ملازمن جون پگهارون گهٽائڻ واري سفارش قابل قبول نه آهي جنهن سان هزارين ملازم متاثر ٽيندا جيڪي اڳ ئي گهٽ پگهار ۽ مهانگائي سبب مشڪل سان گذارو ڪري رهيا آهن .تنهن ڪري سرڪار اهڙا نندا قدم کڻڻ بدران انهن وڏن خرچن ۾ گهٽتائي سوچي جيڪي اشرافيا ڪلاس حڪمران طبقي ۽ بيورو ڪريسي کي مراعتن جي نالي تي ٽي رهيا آهن يا انهن وڏن واپارين صنعتڪارن يا ريئل اسٽيٽ کي ٽيڪس نيٽ ۾ آڻي تڏهن وڃي معيشت پنهنجي پيرن تي بيهڻ جهڙي ٽيندي يا ڏسڻ جهڙي بجت ٽيندي باقي سرڪاري ملازمن جي پگهارن مان سالياني ڪجهه ارب ڪٽي معيشت کي بهتر ڪري نه ٽو سگهجي.

بقايا 01

ڀ انڪل ويهه رُپين تائين لاٽ ڪٽي جڏهن ته گئسليٽ ۽ لائيٽ ڊيزل جي اگهن ۾ 29 ۽ 30 رُپيا لاٽ ڪٽي وئي. هن جو چوڻ هو ته اوڳا طرفان تجويز پيش ڪئي وئي ته پيٽروليم شين جي هڙادر ڪوٽ کي ختم ڪرڻ لاءِ اگهن ۾ واڌ ڪئي وڃي. نائي واري وزير چيو ته وزيراعظر شهباز شريف جي هدايت ۽ استيٽ بئنڪ طرفان جاري ڪيل رُپئي جو ملهه جي انگن اکرن کي نظر ۾ رکندي پيٽرول ۽ ڊيزل جي قيمت ۾ 35.35 رُپيا في ليٽر جڏهن ته لائيٽ ڊيزل ۽ گاسليٽ جي قيمت ۾ 18.18 رُپيا في ليٽر واڌ جو فيصلو ڪيو آهي. هن بڌايو ته تيل جو نڪتل اڳ 249 رُپيا 80 پئسا جڏهن ته هاءِ اسپيڊ ڊيزل جي في ليٽر قيمت 262 رُپيا 80 پئسا في ليٽر هوندي. اهڙي طرح گاسليٽ جي نئين قيمت 189 رُپيا 83 پئسا ۽ لائيٽ ڊيزل 187 رُپيا في ليٽرهوندي. نائي واري وزير وڌيڪ چيو ته پيٽروليم شين جا نوان اگهه اڄ صبح يارنهن وڳي کان لاڳو هوندا.

بقايا 02

ڪوئي ايڪشن نه ورتو فواد چوڌري کي جيل موڪلڻ کان پوءِ، پيهر رڪارڊ لاءِ پوليس حوالي ڪرڻ انسوس جوگو آهي فواد چوڌري جو ڪيس انصاف ۽ شفاف ٽرائل جي گهر ڪري ٽو.

بقايا 03

وڃي رهي هٽي ته پيلي ۽ چينڪي اسٽاب جي ويڇوڪاهي ۽ ڪري حادثي جو شڪار ٽي وئي. پيلي جي اسسٽنٽ ڪمشنر ان حوالي سان ٻڌايو ته حادثي واري جاءِ تي امدادي ڪارروائيون مڪمل ڪيون ويون آهن. هنيئر تائين جاليهه ماڻهن جا لاش کڌيا ويا آهن جڏهن ته ڇهن زخمين کي اسپتال نيو ريو آهي. هن وڌيڪ چيو ته حادثي جو شڪار ٽيل بس مان ڪڍيل لاش گهڻي قدرسڙاڻپ جوگا ناهن رهيا جڏهن ته لاشن جي سڃاڻپ لاءِ ڊي اين اي ٽيسٽ ڪرائي ويندي. بئي پاسي سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه سان حادثي تي ڏک جو اظهار ڪيو آهي ۽ ڪراچي انتظاميا کي لسبيلي انتظاميا سان هر قسم جي سهڪار جي هدايت ڪئي آهي. هڪ بيان ۾ وڏي وزير سيد مراد علي شاهه چيو ته انسانين جانين جي نقصان تي انتهائي ڏک ٿيو.

بقايا 04

ايندڙ ٽريد گروپ لاءِ 10 سيڪڙو ڪوٽا رکڻ، گريڊ 19 ۽ ڪامرس ايندڙ ٽريد گروپ لاءِ 50 سيڪڙو ڪوٽا رکڻ گريڊ 20 ۽ ڪامرس ايندڙ ٽريد گروپ لاءِ 40 سيڪڙو ڪوٽا رکڻ جي سفارش ڪري چڏي ڏريعن مطابق لڪت ۽ پي ايڇ اي ٽيسٽ جي ڏمپواري واپار واري وزارت کي ڏيڻ جي سفارش به ڪئي وئي آهي. ڪميٽي پنجن هي سفارشون جلد منظوري لاءِ وزيراعظر کي پيش ڪندي نون ٽريد آفيسرن جي مقرري جو عمل وزيراعظر جي منظوري کان پوءِ شروع ٽيندو.

بقايا 05

اگهن ۾ واڌ ٽرانسپورٽ سسٽر کي تباهه ڪري چڏيو آهي. ترجمان موجب لاهور کان راولپنڊي، فيصل آباد ۽ ملتان جي ڪرائين ۾ سئو رُپيا واڌ ڪئي وئي آهي جڏهن ته لاهور کان گوجرانوالا پنجاه ، پشاور ۽ صادق آباد جي لاءِ ڪرائين ۾ به سئو رُپيا جڏهن ته لاهور کان ڪراچي جي لاءِ ڪرائين ۾ ڇهه رُپين جي واڌ ڪئي وئي آهي. آل پاڪستان پبلڪ ٽرانسپورٽ اونرز فيڊريشن خبردار ڪيو آهي ته جيڪڏهن انتقامي ڪارروائي ٽي ته پبلڪ ٽرانسپورٽ بيهاري چڏيندا سين.

بقايا 06

ميڊيا سان ڳالهائيندي خواجا آصف جو چوڻ هو ته عمران خان نئين گيم کيڏي رهيو آهي ، هن الزام لڳايو آهي ته آصف زرداري ڪيس قتل ڪرائڻ چاهي. اسان جي سياست ۾ اهڙا واقعا نه پهريان ٽيا هٽا نه اڳتي ٽيندا جڏهن ته سياسي اختلاف ٽيندا رهندا آهن ۽ اڇتي به ٽيندا رهندا. هن چيو ته عمران خان جي بيان ب پ جي قيادت جي زندگين لاءِ خطرو وڌائي چڏيو آهي. پيپلز پارٽي اها جماعت آهي جنهن پٽو ۽ بينظير جي شهادت کي به قبول ڪري پنهنجو سياسي سفر جاري رکيو آهي. خواجا آصف چيو ته عمران خان آصف زرداري تي پنهنجي قتل جي سازش جو الزام لڳائي سياست جو رُخ تشدد طرف موڙڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. عمران خان نئين گيم ڪيڏي رهيو آهي جنهن ۾ رنوڙائٽ جو خدشو آهي. پي ٽي آءُ چيئرمين جي الزام بازي آمريڪا کان شروع ٽي ويون آهن. پوءِ ٽي ۽ سوچ سان منزلون ماڻيون آهن.انسان جيان رڳو پنج هزار سال تهذيب يافته ۽ پٽائي تي پاڙي نه ويٺا آهن. سيني نه رڳو ممڪن کي ممڪن بنايو آهي پر نا ممڪن کي ممڪن بنايو آهي.انسان وٽ هر وقت نراسائي ۽ نا اميدي آهي.

ميان! ڪجه ڪو نه ٿيندو ، اجايو پيا جَڪ ماريو.اڳر چا ٿيو آهي جو هاڻ ڪجه ٿيندو؟

ڪا ڪوشش ڪرڻ بجاءِ اسين نتيجن جو ڦل حاصل ڪرڻ جا ڪهرجائو آهيون.

اسين محنت ۽ رزق حلال لاءِ ڪمائڻ بجاءِ مفت خور ، پنڻ ۽ ڏوڪڙ وٽن ۾ ٽنگيل هجن جا خواهشمند .جتان لاهي مفت ۾ عياشي ڪريون. پنهنجي ڪا به ذميداري محسوس نه ڪنداسين .چونداسين حڪومت ڪجه نٽي ڪري، ڳوٺ ۽ محلي وارا ڪجه نڪا ڪن. شناختي ڪارڊ ٺهرائڻ لاءِ دلال يا وڏيري جو پاسو وٺنداسين. اڪثريت ماڻهن جي اهڙي آهي جيڪا چاهي ٽي ته اسان جو ڪم ٻ ڪو ٻيو ڪري. سرڪاري ادارن جو ان کان وڌيڪ ڪارو مُنهن آهي. هيڻيان چوندا مٽيان ڪر نڪا ڪن ۽ مٽيان چوندا ٽهيڻيان هڏ حرام ، نا اهل ۽ نڪما آهن. ماڻهو پيا درن تي ليلائيندا ۽ ڌاڙائيندا. گهٽا وري يا شعور چوندا ادا سنڌين سان وڌو ظلم آهي. سنڌي پنجاب جا غلام آهن ،تڏهن ته سنڌين کي سنڌي چيچلائن پيا. سنڌ ۾ تعليم ،صحت ۽ سمورا ادارا تباهه پوءِ پٽڪو ادا :وفاق ۽ پنجاب جو ظلم آهي. سوال ڪبو ته بابا شهرن ۾ گندگي آهي. ماڻهن کي پيشاب ۽ غلاظت وارو پاڻي ٻ پنجاب پيو پياري ؟

جواب ها سائين اوهان سمجهو نٿا باقي پنجاب سامراج ۽ وفاق ملوٽ آهي. بابا اربين ۽ کربين روپين جي بجيٽ جيڪا کاڌن ۾ ته استعمال ٽي، کاڌي وئي؟

چئي سائين پنجاب سامراج ٽي کائي ويو.

سوچ جو رخ مٽيل، بنا محنت اجورو حاصل ڪرڻ ۽ بنا ڪوشش جي منزل مقصود جا نتيجا اوڳاڙڻ واريون قومون صديون گذرڻ باوجود صرف گوڏا پٽيندیون.

جيڪڏهن چئجي ته ڪوڪن ، پٽاڪن ۽ پوزين تي قوم ترقي ۽ خوشحالي نه ماڻيندي ته جواب ملندو اوهان قوم کي بدنام پيا ڪريو،پنهنجي قوم کي نيچ ڏيکاري ڏارين جي ايجنڈا تي پيا ڪم ڪريو.

بقايا 07

نه ڪندا جو ڪم ٻ ڪو ٻيو ڪري. سرڪاري ادارن جو ان کان وڌيڪ ڪارو مُنهن آهي. هيڻيان چوندا مٽيان ڪر نڪا ڪن ۽ مٽيان چوندا ٽهيڻيان هڏ حرام ، نا اهل ۽ نڪما آهن. ماڻهو پيا درن تي ليلائيندا ۽ ڌاڙائيندا. گهٽا وري يا شعور چوندا ادا سنڌين سان وڌو ظلم آهي. سنڌي پنجاب جا غلام آهن ،تڏهن ته سنڌين کي سنڌي چيچلائن پيا. سنڌ ۾ تعليم ،صحت ۽ سمورا ادارا تباهه پوءِ پٽڪو ادا :وفاق ۽ پنجاب جو ظلم آهي. سوال ڪبو ته بابا شهرن ۾ گندگي آهي. ماڻهن کي پيشاب ۽ غلاظت وارو پاڻي ٻ پنجاب پيو پياري ؟

جواب ها سائين اوهان سمجهو نٿا باقي پنجاب سامراج ۽ وفاق ملوٽ آهي. بابا اربين ۽ کربين روپين جي بجيٽ جيڪا کاڌن ۾ ته استعمال ٽي، کاڌي وئي؟

چئي سائين پنجاب سامراج ٽي کائي ويو.

سوچ جو رخ مٽيل، بنا محنت اجورو حاصل ڪرڻ ۽ بنا ڪوشش جي منزل مقصود جا نتيجا اوڳاڙڻ واريون قومون صديون گذرڻ باوجود صرف گوڏا پٽيندیون.

جيڪڏهن چئجي ته ڪوڪن ، پٽاڪن ۽ پوزين تي قوم ترقي ۽ خوشحالي نه ماڻيندي ته جواب ملندو اوهان قوم کي بدنام پيا ڪريو،پنهنجي قوم کي نيچ ڏيکاري ڏارين جي ايجنڈا تي پيا ڪم ڪريو.

بقايا 08

ڪراچي جاويد عالم اوڍو سندس رپورٽ پيش ڪئي. وڏي وزير کي ٻڌايو ويو ته گذريل 24 ڪلاڪن ۾ 87 اسٽريٽ ڪرائم جون واردائون رپورٽ ٽيون، جن ۾ 10 قتل، 4 ڪار چوري، 13 موٽ

بقايا سنڌيار 01

ٻنوں، لاڪٿيور، ابڙال، جهوڪ شريف ۾ ٻين ننڍن وڏن شهر ۾ ڪاڌي پيتي جي شين جا اڳهه ٻيڻا ٿي ويا آهن. جنهن ڪري غريب عام ماڻهو سبزي ڪائڻ کان ٻ محروم ٿي ويو آهي، رپورٽ موجب ڪڪڙ جو گوشت 700 روپيا في ڪلو، پاڪرو گوشت 18 سؤ روپيا ڪلو، وڏو گوشت 700 روپيا في ڪلو، اٽو 140 روپيا في ڪلو، بيضا 300 درزن، صوف 500 روپيا في ڪلو، ڪوڪنگ آئل 500 روپيا في ليٽر، مڇي 700 روپيا في ڪلو، ٽماٽو 60 روپيا في ڪلو، ڀاڄيون ٻ خريد ڪري نٿا ڪائي سگهي، جڏهن ته سجاول جي ضلعي انتظاميا طرفان مهانگائي جي وڌندڙ طوفان کي روڪڻ لاءِ قانون جي ڪا عملداري قائم ڪري نه سگهي آهي، ان ڏس ۾ ڊڙو جي باشعور شهرين اعجاز اختر ميمڻ، امداد ميمڻ، اقبال سومرو، علي رضا ڪچي، اسلم سومرو، اختر ڪچي، جاويد جگر، وفا چندن لاشاري، امتياز آڪاش ميمڻ، مختيار علي ڪوڪر ۽ ٻين پاران وڌندڙ مهانگائي تي سخت ڳڻتي جو اظهار ڪندي ڪمشنر حيدرآباد، ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج ٽنڈو، ڊپٽي ڪمشنر سجاول ۽ ٻين اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته ڊڙو ۽ پرپاسي جي علاقن ۾ وڌندڙ مهانگائي جو فوري نوٽيس وٺي غريب عوام کي رليف فراهم ڪيو وڃي.

بقايا سنڌيار 02

جي ملاح اڪوڻ محمد اشرف ملاح پاڻي مان ڪيرائي گهر پهچائڻ تي گهر ۾ ڪهرام مچي ويو. ٻڌايو پيو وڃي ته فوتي ماهيگير رچ ڪنهي پڇن جو پٽ پالڻ لاءِ مڇي جو شڪار ڪرڻ ويو جتي سندن زندگي ساڻ ڏنو ۽ هو روزگار جي ڳولا ڪندي رڇن ۾ وڃڙي زندگي جو ڏيئو اجهائي چڪيو، فوتي جي گهر ۾ ڪهرام متل آهي، جيڪو پنهنجي گهر جو واحد وسيلو هو. جيڪو پڻ گهر پاتين ڪان هميشه لاءِ وڇڙي ويو‌اهي، گهارو واسين وس وارن کان فوتي ماهيگير محمد جمن ملاح جي وارثن جي مدد ڪرڻ جي گهر ڪئي آهي.

بقايا سنڌيار 03

سان ڳالهائيندي ٻڌايو ته اسان چوڪري شادي شده انور زادي رٽائرڊ پوليسجي جمعدار گل شير سولنگي جي پاٽيجي هدايت الله سولنگي اغوا ڪري ويو جنهن هڪ ڏي پٽ به هيوهاٿي وري اهو پوليس وارو هڪيار بندسان ڪري ان مائي جي چوڪري هن سالن جي فهيم کي اغوا ڪرڻ آياسان کي خبر پئي روڪيو دانهون ڪيون بندوقن جا ڪنداڻ هٿي ڏلشاد سولنگي پرويز سولنگي کي زخمي ڪري وڏو گوڻائن جي اڇڻ تي پوليس جمعدار گلشير ۽ ان جا سائي فائرنگ گارڪند ڪري پڇي ويا اسان عورتن سميت قرآن ڪني ٽاٽي تي پهتاسين پوليس اينڪر نه پئي وئي اهوپوليس وارو رٽائرڊ جمعدار ڪرسي وڃهي ويلو هو ان نيڪ محمد چانڊيو پوليس سپاهي ان جمعدار کان پٽسا وٺي اسان جي 10 ماڻهن تي ايف آءِ آر درج ڪري چڏي اسان کان وري رات 30هزا وٺي نيڪ محمد چانڊيءِ ايف آءِ آر داخل ڪئي انهن کي ٻڌڻ ٻجاءِ وري اسان کي صبح ٻڌڻ آيو آهي اسان آءِ جي سنڈ ايس ايس پي ٽنوشهرو فيروز ۽ ٻين وس وارن کي اپيل ٿا ڪريو اسان کي پنهنجي چوڪري واپس ڪرائي ڏين ۽ ايف آءِ آر ۾ درج ٽيل ماڻهن کي گرفتار ڪري اسان سان انصاف ڪن ورن اسان پوليسجي ظلمن خلاف پاڻڪي ٻاهه ڏئي ساڙيندا سين ان جي ڏمهوار پوليس ۽ اهي آفيسر هٿوندا

بقايا سنڌيار 04

گر ڪيل نوجوان عنايت حسين خشڪ جي ڪيترن ئي وارثن پنهنجي عورتن ۽ معصوم ٻارڙن سان گڏ مڪلي تي احتجاج ڪندي نياز حسين خشڪ ۽ ٻين ڇيو ته 9 ڏينهن اڳ مڪلي پوليس جي ڊي ايس پي جمعه خان پنهور، فيصل ميمڻ، ايس ايڇ او مڪلي حاڪر ڪوسو پاران جوڳي ڪالوني مڪلي تي ڇڙهائي ڪري عنايت حسين خشڪ کي گرفتار ڪري گر ڪري چڏيو آهي، جنهن جي باري ۾ پوليس ڪجه ٻڌائڻ لاءِ تيار ناهي، ڪين خدشو‌اهي ته ڪٿي پوليس نوجوان کي ڪو نقصان نه پهچائي، هن ڇيو ته من کان اڳ ۾ ساڳئي پوليس هڪ مهينو اڳ سندن ٻين نوجوانن شعيب خشڪ ۽ نفيس خشڪ کي ٻ اهڙي طريقي سان گرفتار ڪري گر ڪرڻ بعد هڪ مهيني ڪانپوءِ CTD ڪراچي ۾ گرفتاري ظاهر ڪري مٿن هٿ ٽوڪيا دهشتگردي جهڙا ڪيس داخل ڪري جيل موڪلي چڏيو‌اهي، ڪٿي هن نوجوان سان ٻ ساڳيو ٽ حشر ڪيو وڃي، هتن چيف جسٽس سنڌ هاءِ ڪورٽ، ا‌ءِ جي سنڊ. ڊي آءِ جي حيدرآباد، ايس ايس پي ٽنو سميت سمورن وس وارن کان مطالبو ڪيو ته سندن گرفتار ڪري گر ڪيل نوجوان عنايت حسين خشڪ کي آزاد ڪري ساڻن انصاف ڪيو وڃي، پٽي صورت ۾ احتجاج جي دائري کي وسيع ڪيو ويندو

بقايا سنڌيار 05

ميمڻ، مشتاق ميمڻ، آصف ميمڻ، قربان سهتو عطا حسين سهتو، سيد بادشاه شاهه، عبدالخالق رند، هدايت الله رند، وقار رند، ايڊووڪيٽ شهزور جرواري، رياني سهتو، صحافي مولابخش ٽيهو ۽ ٻين شرڪت ڪئي، ان موقعي تي آيل مهمانن جي مان ۾ آڇيائو پيش ڪيو‌ويو. جڏهن ت سيد احمد علي شاه صحافي مولابخش ٽيهو جي پائيتي ۽ ياسين نانگراڄ سان امڙ فوتگي جي تعزيتي دعا گهري، جڏهن ت ملڪ جي نازڪ صورتحال تي ۽ علاقتي ۾ امن ۽ امان جي بگڙيل سسٽم تي پاڻ ۾ گفتگو ڪئي وئي، ڪچهري ۾ هڪ ٻئي سان پوڻ چرچا ڪري محفل کي چار چنڊ لڳائي چڏيا، جڏهن ت مڇ ڪچهري ٽن ڪلاڪن تائين جاري رهي،

بقايا سنڌيار 06

ويندي. لاڳاپيل ادارا ۽ روڊن جي غيرقانوني ڪٽنگ بند ڪن سيد شڪيل احمد. رپورٽ موجب ڊي ايم سي اوپر جي ايڊمنسٽريٽر سيد شڪيل احمد ڪاظمي سي، ڪي ڊي اي ۽ ٻين ادارن کان مطالبو ڪيو آهي ته ضلعي اوپر ۽ هلندڙ ڪمن ڪانپوءِ روڊ ڪٽڻ کي فوري طور پرڻ لاءِ قدم کنيا وڃن اهڙن خيالن جو اظهار هن ميونسپل ڪمشنر فهيم خان سان گڏ آفيسرن جي گڏجاڻي دوران ڳالهائيندي ڪيو سندس وڏيڪ ڇوڪرو هو ته عام شهري ڪي مشڪلاتن کان بچائڻ لاءِ سياڻي جو فرض آهي تنهن ڪري روڊن جي غيرقانوني ڪٽ کي ڪنهن به صورت ۾ برداشت نه ڪيو ويندو. اهو‌ئي سبب آهي ته ڪالهه هڪ آفيسر کي معطل ڪيو ويو آهي. ڪي ايم سي، ڪي ڊي اي جي آفيسرن کي به گذارش آهي ته هو به پنهنجي ادارن اندر ويندل کارين روڊن خلاف اهڙي قسر جون کارروائيون ڪن. هن وڏيڪ چيو ته جتي به روڊ ڪٽنگ ٽي آهي، ان بابت جاچ ڪن ته ان جي قانوني حيثيت ڇا آهي هن چيو ته جيڪڏهن روڊ ڪٽڻ غير قانوني آهي ته ان خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي. جيڪڏهن قانوني آهي ته ان کي فوري طور تي ڪم کان پوء اصل شڪل ۾ آندو وڃي، ان لاءِ قدم کنيا وڃن هن چيو ته اوپر ضلعي جي رهواسين کي لوڪل گورنمينٽ جون سهولتون فراهم ڪرڻ اسان ۽ ٻين لاڪاپيل ادارن جي ذميواري آهي، جنهن لاءِ اسان سڀني کي پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻو پوندو ان موقعي تي سپرنٽينڊنٽ انجنيئر مبين شيخ، سلمان ميمڻ ۽ ٻيا آفيسر موجود هئا.

بقايا سنڌيار 07

ايڊمن آفيسر شمير الرحمن پهنور ڊاڪٽر ڪرشن لوهاڻو‌ايڙ ڊاڪٽر نسيما نياز ليب انچارج بلاول چانڊيو مريضن جي چڪاس ڪري علاج ڪيو ۽ انهي ڪئمپ ۾ مختلف قسم جي بيمارين جي علاج سان گڏ ايڪسري الٽراسائونڊ رت جي ٽيسٽن سميت علاج جون سڀ سهولتون موبائل سروس ۾ موجود هيون ڪئمپ ۾ مذڪوره گوٺ جي علاوه پرپاسي جي ڳوٺائن پهچي پنهنجو ۽ معصوم ٻارڙن جو علاج ڪرايو علاج ڪرائيندڙ مريضن کي دوائون پڻ ڏنيون ويون هن هڪ ڏينهن واري ڪئمپ ۾ 350 کان به وڌيڪ مريضن جو مفت علاج ڪيو ويو جڏهن ته ايڊمن آفيسر صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته اسان هتي ڪر ڪرڻ چاهيون ٿا اسان کي موبائل سروس ضلع سطح تي مليل آهن جيڪي تعلقي جي بنياد ڏئي مقامي ماڻهن کي علاج جون بهتر سهولتون ڏنيون وڃن علاقتي واسين سنڌ حڪومت ۽ صحت کاتي جي صوبائي وزير کان گهر ڪئي ته موبائل سروس جو ڪر وڌايو وڃي ۽ جيڪي غريب ماڻهو بي پهچ وڏن شهرن مان علاج نه ٿا ڪرائي سگهن انهن کي سهولتون ڏنيون وڃن

بقايا سنڌيار 08

چانورن جو ڪنو ڪندِ جو ڪنو۽ تيل جو به ڏمينون جيڪي اسان ڪوندن جي نياز لاءِ گهريو هيون ۽30000 هزار ڪيش رقم ڪئي ويا جڏهن ته اهڙو اطلاع ڏاروشاه ٽائي ڪيو آهي ۽ اين سي به داخل ڪرائي آهي

بقايا سنڌيار 09

موجب گذريل رات 9 وڄي ڌاري بدين شهر جي سيرائي روڊ تي يوسي پهڀمي جي نئين چونڊيل چيئرمين پي پي پي اڇاڻ ۽ ايم پي اي تاج محمد ملاح جي ويجهي دوست رياض احمد ٻوهڙ کي سندس بدين واري گهرمان سڊ ڪري نامعلوم سول ڪپڙا پهريل ماڻهو ڪنهي ڪٽي ويا ان سلسلي ۾ رياض احمد ٻوهڙ جي ويجهن حلقن مان مليل ڄاڻ موجب ته ڪيس قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي گاڏين ۾ سوار اهلڪارن سندس بدين واري گهر تان گرفتار ڪري ڪيس پاڻ سان گڏ ڪٽي ويا آهن بدين پوليس جي ذريعن ٻڌايو آهي ته هڪ فوت ٿي ويل جج جي گهرواري پنهنجن هن ٻارن جي اغوا جي خلاف ۽ بازيابي لاءِ سپريم ڪورٽ ۾ درخواست داخل ڪئي آهي جنهن تي ڪورٽ طرفان جوڊيل جي آئي ٿي طرفان هلندڙ جانچ ۾ عورت طرفان سندس پارن کي اغوا ڪرائڻ ۾ جنهن ماڻهو تي شڪ ظاهر ڪيو آهي ان جي موبايل فون جي رڪارڊ ۾ جن ماڻهن سان سندن موبايل فون نمبرن تي رابطو ظاهر ٿيو آهي جن ۾ ڪيجي ويل رياض ٻوهڙ شامل آهي جنهن کي پڇا ڳاڇا لاءِ گرفتار ڪيو ويو آهي هوڏانهن رياض ٻوهڙ جي مائٽين صحافين کي ٻڌايو ته رياض ٻوهڙ تي ڪو به ڪيس داخل ناهي نه وري رياض جو ڪنهن جي آئي ٿي ۾ پيش ٽيڻ بابت ڪو نوٽيس ڏاٿي تي پهتل آهي ان هوندي ڪيس جنهن طريقي سان ڪنپي ڪنيو ويو آهي اهو افسوس ناڪ آهي هنن اعلي اختيارين کان مطالبو ڪيو ته رياض ٻوهڙ کي ظاهر ڪيو وڃي مٽس ڪو ڪيس آهي ته ڪيس عدالت ۾ پيش ڪيو

بقايا سنڌيار 10

وٺي هنن ڊي سي ٽنو سميت وس وارن کان مالهي سهائتا جي گهر ڪئي

بقايا سنڌيار 11

لاءِ ميدان تيار ڪيو ويو آهي پروگرام ڪي عوامي تحريڪ جي مرڪزي قيادت بارڪائونسلن جا وڪيل اڳواڻ ادبي شاعر ۽ استاد اڳواڻ خطاب ڪندا ۽ پروگرام ۾ ٽيبلوز ۽ قومي گيت پڻ پيش ڪيا ويندا انهيءِ موقعي تي عوامي تحريڪ ضلع بدين جي نائب صدر مهراڻ درس جنرل سيڪٽريٽ ايڊووڪيٽ فاضل زئور سومار هالي‌پوٽو ايڊووڪيٽ اياز هالي‌پوٽو ڊاڪٽر سليمان هالي‌پوٽو مرتضي جمالي لطيف هالي‌پوٽو مختيار ڀڪاري ستو ڪولهي ۽ ٻين سراج هالي‌پوٽو جي قتل کي ڏيڍ مهينو پيو گذري پر ٽنڈو باگو پوليس هن جديد دور ۾ به جوابدار ڳولهي ناهي سگهي ۽ نه وري کا تسلي بخش جاچ ڪئي آهي هتن وڌيڪ چيو ته سنڊ جي 12 بارڪائونسلن هن حادثي جا جوابدار گرفتار ڪرڻ لاءِ ريزوليشن پاس ڪيا آهن پر پوءِ به پوليس جوابدار گرفتار نٿي ڪري هتن آءِ جي سنڊ ۽ ڊي آءِ جي حيدرآباد کان گهر ڪئي آهي ته هن ڪيس کي اوليت جي بنياد تي جاچ ڪري اصل جوابدارن کي گرفتار ڪري سزا ڏني وڃي ۽ هن ڪيس ۾ رڪاوٽ ٻڌيل پوليس عملدارن کي فورن هٽايو وڃي

بقايا سنڌيار 12

سردار علي شاه جيلاڻي ديه سوهو وارن خطاب لاجواب فرمايو، جلسي ۾ آس پاس جي ڳوٺن جي عوام وڏي اڇڻ ۾ شرڪت ڪئي جڏهن ته جلسي جي نگراني خانواهڻ يونٽ جي صدر حافظ ولي محمد قادري، قادري محمد سليمان انڙ، منظور احمد قادري، محمد هاشم قادري، هوڏانهن يونٽ ديهات جي صدر قادري گلزار سهتو قادري پرويز حسين پنڊ، قادري عاجز امتياز نوح پوٽو جن پروگرام جي نگراني ڪئي ان موقعي تي سيڪيورٽي جا انتظام سخت ڪيا ويا، آخر ۾ جلسي ۾ آيل ماڻهن کي ياراهين شريف جو لنگر پڻ ڪارايو ويو،

بقايا سنڌيار 13

علي گوهر خان مهر پاران سردارگڙهه واري علاقتي ۾ قائم تار گهر واري بنگلي تي سکر ۽ گهوٽڪي جي اتحادين کي سڏائي ورتو جتي مانجهاندي جواحتمام پڻ ڪيو ويو هيو. سردار علي گوهر خان مهر ۽ سندس فرزند سردار حاجي خان مهر پاران تار گهر واري بنگلي تي پهتل اتحادين جو استقبال ڪيو ويو ، گڏجاڻي ۾ ڪجهه وقت اڳ پ پ ۽ شموليت ڪندڙ بوزدار برادري جي سردار رحيم بخش خان بوزدار ، اڳوڻي ايم اين اي ميان ملهي جاڪر خان بوزدار ، ميان نظر حسين، عمر خان مهر،ارشاد قاضي ۽ ٻين اتحادين شرڪت ڪئي، ڏاريعن جو چوڻ آهي گڏجاڻي ۾ گهوٽڪي ضلعي جي سياسي صورتحال، تڪبندين جي حوالي سان خدشن تي گڏلهه پوء پڻ ڪئي وئي،گڏهن ته گڏجاڻي ۾ پ پ سان رابطن جي حوالي سان ڪا به گڏلهه پوء نه ڪئي وئي، جڏهن ته گهوٽڪي ضلعي جي چيئرمين شپ جي حوالي سان گڏلهه پوء ڪئي وئي. سردار علي گوهر خان مهر پاران ڪوٺايل گڏجاڻي ڪجهه وقت پهرين پ پ ۾ شموليت ڪندڙ سردار رحيم بخش خان بوزدار جي شرڪت ڪرڻ سميت نادر اڪمل لغاري ۽ هالار پتافي جي شرڪت نه ڪرڻ ۽ ڪيترائي سوال پيدا ڪري چڏيا آهن، ٻڌايو پيو وڃي ته نادر اڪمل لغاري پاهرين ملڪ هجڻ ڪري شرڪت نه ڪئي جڏهن ته هالار پتافي ڪراچي هجڻ ڪري نه پهچي سگهيو

بقايا سنڌيار 14

جنهن جي نتيجي ۾ الـ ٽلـ سڙهي رک ٽي ويو متاثرين دڪاندار نور سهتو ۽ عابد حسين سهتو بيهوش ٽي ويا جڏهن ته شهرين پاران فائير برگيڊ 3 ڪي بار بار اطلاع ڏيڻ باوجود ته پهچي سگهي جڏهن ته دڪاندارن پنهنجي مدد پاڻ تحت باهه کي 3 ڪلاڪن بعد ڪنٽرول ڪيو جڏهن ته لوڪل انتظاميا پڻ غائب هئي متاثرين دڪاندارن نور سهتو ۽ عابد سهتو صحافين کي ٻڌايو ته گذريل رات اسان جي موبائل دڪانن کي باهه وڪوڙي وئي اسان جي دڪانن ۾ پيل ڪروڙين روپين جون موبائل فونو ٻيٽرين چارجرايل سي ڊيون ڪمپيوٽر ۽ پيو سامان سڙهي رک ٽو ويو آهي فائير برگيڊ ترت پهچي هان ته اسان جو نقصان گهٽ ٽي هان پر انهن جي لاپرواهي ڪري اسان معاشي طور تي گنگال ٽي ويا آهيون واحد ذريعو دڪان هيو هو به سڙهي ويو هتن ڊي سي نوشهروفيروز ۽ ٻين سرندي وران کان واهر جي اپيل ڪئي

بقايا سنڌيار 15

شرڪت ڪئي جنهن ۾ يوسي غلام جي چيئرمين بابو عبدالعزيز ناهيو ضلعي ڪائونسل جي ميمبر ذڪريا بلوچ، ڪائونسلر الياس خاصخيلي سابق چيئرمين طفيل ميمڻ سيٺ نور محمد خواجه مڪلي جي صحافي ايوب ملاح ورشهرجي صحافي قاصر چانڊيو صحافي امير شاه پاڏائي، پريس ڪلب غلام جي صحافين ۽ صدر عاشق حسين ملاح بابو جان هنگورجو، هادي بخش ملڪاڻي، شزاد ملاح، مقبول ڪهيو، ماما ستار ملاح، اجي ڪمار مائيسري، غلام مصطفي ميربحر، نانگر پبلڪ پريس ڪلب لٽو جي صحافين ۽ صدر ممتاز سميجو، حق نواز شيخ عذير پٽو، حيدر جويو، دولت رام ڪوهستاني ب ٽ الف ضلعي لٽي جي صدر محمد شريف تنيو ڪنول رام ڪوهستاني، پوليس جمعدار رستم اوٺار واحد آڏو مولابخش بلوچ سميت سوين شهرين سياسي سماجي اڳواڻن صحافين شرڪت ڪئي هوڏانهن ملير ڪراچي پريس ڪلب جي سينئر صحافي جميل چانڊيو تڏي تي پهچي تعزيت جو اظهار ڪيو مرحوما کي ڪيس اباڻي قبرستان بابا بولا شاه ۾ مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو ۽ سندس تڏي تي تعزيت جو سلسلو جاري آهي

بقايا سنڌيار 16

لاءِ انهن ۾ ڪمبل، رضائيون ۽ ٻيو ضرورت جو سامان تقسيم ڪندي وي ايم‌پاور فائونڈيشن جي چيئرمين ميجر ثمينه حيدر چيو ته اسان خدمت خلق کي عبادت سمجهي ڪري رهيا آهيون، انشاالله آئنده ٻ لٽي ضلعي اندر مختلف فلاحي ڪمن ۾ اضافو ڪري مستحقين کي رليف مهيا ڪيو ويندو، جنهن دائري کي صوبي تائين وڌايو ويندو هن چيو ته سندن مقصد غريب ماڻهن جي مدد ڪري کين رليف مهيا ڪرڻ آهي، جنهن تي سندن عملدرآمد جاري آهي، هن چيو ته هن کان اڳ ۾ هن وڏي تعداد ۾ ٻوڏ تي متاثرين جي ڪافي مدد ڪري چڪا آهن، جيڪو سلسلو جاري آهي، ان موقعي تي لٽي جو نالي‌وارو سياسي ۽ سماجي اڳواڻ سيد جاويد شاه حسيني ۽ ٻيا پڻ موجود هئا.

بقايا سنڌيار 17

اخيارين کان نوٽيس وٺي ڪري شهر ۾ مدي خارج ۽ به نمبر ميڊيسن وڪرو ڪندڙن خلاف قانوني ڪارروائي ڪرڻ جي اپيل ڪري چڏي ڪنڊ‌يارو جي اڳواڻ ڊاڪٽر نثار احمد عباسي، سردار نبي رضا خان سريوال شاهنواز علي نواز احمداڻي سليمان چانڊيو ۽ ٻيا موجود هيا جڏهن ته ميزبان عقيل احمد سريوال ۽ محمد نواز سريوال پاران سپني عهديدارن کي سنڊ جي سوڪڙي اجرڪن جا تحفا پيش ڪيا ۽ مبارڪباد ڏيندي چيوته گلاب لغاري پريس ڪلب جي صحافين هميشا ترجيحي بنيادن تي علاقي جي بنيادي مسيلن توڙي جايز عوامي مطالبن جي مجتا لاءِ اتندڙ آوازن کي اڇاگر ڪري اعلي اعوان تايين پهچائڻ ۾ پاڻ ملهايو آهي جنهن تي کين جس ڏجي ٿي اسان اميد ٿاڪيون ته آينده به انهيءِ عوامي خدمتن جي جذبي تحت پنهنجون ذميواريون نيائيندا رهندا

بقايا سنڌيار 18

معشوق لغاري محمد ابراهيم لغاري علي نواز دل فقير علي نواز نانگو محمد مٺل ۽ ٻين جي مان ۾ مانجهاندو ڏنو ويو ان موقعي تي حق نواز سريوال جمشيد احمد خان سريوال شاهنواز علي نواز احمداڻي سليمان چانڊيو ۽ ٻيا موجود هيا جڏهن ته ميزبان عقيل احمد سريوال ۽ محمد نواز سريوال پاران سپني عهديدارن کي سنڊ جي سوڪڙي اجرڪن جا تحفا پيش ڪيا ۽ مبارڪباد ڏيندي چيوته گلاب لغاري پريس ڪلب جي صحافين هميشا ترجيحي بنيادن تي علاقي جي بنيادي مسيلن توڙي جايز عوامي مطالبن جي مجتا لاءِ اتندڙ آوازن کي اڇاگر ڪري اعلي اعوان تايين پهچائڻ ۾ پاڻ ملهايو آهي جنهن تي کين جس ڏجي ٿي اسان اميد ٿاڪيون ته آينده به انهيءِ عوامي خدمتن جي جذبي تحت پنهنجون ذميواريون نيائيندا رهندا

بقايا سنڌيار 19

لاءِ پيپلز پارٽي تعلقا ڪنڊ‌يارو جي اڳواڻ ڊاڪٽر نثار احمد عباسي، سردار نبي رضا ڪونڊر، وڏيرو عبدالله ڪونڊر ،سيٺ گلزار ورڙ جي قيادت ۾ منٺ ميڙ قافلو متحرڪ ٿي ويو ۽ ڪنڊ ۾ اڪٺو ٿيو. جنهن تي مارچ ويل سميت نادر اڪمل لغاري ۽ هالار پتافي جي شرڪت نه ڪرڻ ۽ ڪيترائي سوال پيدا ڪري چڏيا آهن، ٻڌايو پيو وڃي ته نادر اڪمل لغاري پاهرين ملڪ هجڻ ڪري شرڪت نه ڪئي جڏهن ته هالار پتافي ڪراچي هجڻ ڪري نه پهچي سگهيو

بقايا سنڌيار 20

گرفتاري واري عمل خلاف اسٽيشن روڊ ڪان پريس ڪلب تائين مولانا محمودالحسن ،مولانا ڪاظم مطهري سجاد ٻومڪي ۽ ٻين ڪي اڳواڻي ۾ مظاهرو ڪيو ويو انهي موقعي تي مظاهرين کي خطاب ڪندي اڳواڻن چيو ته سوئيڊن ۾ قرآن پاڪ جي بيحرمتي ڪري ڪروڙين مسلمانن جا احساسات مجروح ڪيا ويا آهن ڪتاب مقدس جي توهين اصل ۾ يورپ جي الامي فوبيا واري سوچ جي عڪاسي ڪري ٿي اڳواڻن وڏيڪ چيو ته متنازعه فوجداري ترميمي بل 2021 ملڪ ۾ فرقي واريت جي باهه کي وڌيڪ ٻڙڪائڻ ۾ مدد ڪندو جنهن جي اسان سڀ مسلمان سخت لفظن ۾ مذمت ڪريون ٿا مظاهرين موجوده حڪومت کان مطالبو ڪيو ته پاڪستان ۾ موجود سوئيڊن سفارتخاني کي ياداشت نامون پيش ڪري سخت احتجاج ريڪارڊ ڪرايو وڃي ۽ اسانجي قائد علامه راجه ناصر عباس جعفري خلاف ڪوبه قدم ڪنيو ويو ته اسين سڄي ملڪ کي جام ڪري چڏينداسين ۽ حڪومت وقت کي پنهنجي منطقي انجام تي پهچائي پوءِ ساهه ڪنداسين

بقايا سنڌيار 21

عرفان ظفرياب ۽ شجاع آباد پريس ڪلب جو صدر ملڪ مشتاق پڻ موجود هئا. جن جي موجودگي ۾ سو کان مٿي ميرواه گورچاڻي ۽ پرپاسي وارن علاقتن کان آيل برسات متاثر غريب خاندانن ۾ راشن ورهايو ويو. عالمي فلاحي اداري منهاج القرآن پاڪستان جي صدر صحافين سان گڏالهائيندي چيو ته اداري جي سربراهه مشهور عالمي مذهبي اسڪالر مولانا طاهر القادري پاڪستان جي عوام جي هر ڏڪ جي ڪهڙي ۾ گڏ هوندو آهي ان لاءِ انهن پاران پاڪستان جي مختلف علاقتن وانگر ميرواه گورچاڻي جي غريب برسات متاثر خاندان لاءِ راشن موڪليو آهي جيڪو اڄ ورهايو ويو آهي،

بقايا سنڌيار 22

ستن ڏينهن تي مشتمل هوچونڊ عمل ۾ ڪنهن به اميدوار مقابلي لاءِ فارم نه پرايو ۽ جن سنگت جي دوستن فارم پريا تن ڪي بنا مقابلي ڪامياب قرار ڏنو ويا بنامقابلي ڪامياب ٽنڈوڙ اميدوارن ۾ رجب آزاد سيڪريٽري،ذڪي دائود سومرو جوائنٽ سيڪريٽري ظفر شينو خزانچي ضمير ڪوريجو آديٽر۽ ملڪ وحيد ڪائونسلر چونڊيا ويا ڪاروباري ڪاميٽي تي ڪل نو اميدوار ڪامياب قرار ڏنا ويا جن ۾ نور محمد سومرو،علي محمد درد سولنگي، عمران سومرو، تابش بخاري، نظير نياز ،اميد سنڌي سجاد يوسف، جماعت علي قدوي، محمد عرس سومرو شامل آهن.

بقايا سنڌيار 23

واڌ عوام جي چيلهه پچي چڏي آهي 500 روپيا ڏهاڙي ڪمائڻ وارو مزدور طبقو فاقا ڪشي ڪرڻ تي مجبور آهي غلام نبي ڪلمتي، اڪبر بلوچ ۽ ٻين صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته اسان موجوده حڪومت مان نا اميد ٿي ويا آهيون پٽرول جا اڳهه جڏهن گهٽ ٿيڻ ٿا ته صرف 10 ڪان 15 روپيا ۽ جڏهن وڌايو وڃي ٿو ته 35/40 روپيا وڌايا وڃن ٿا هن وقت پٽرول 150 روپيا ۽ ڊيزل 262 روپيا ليٽر ٿي ويو آهي جيڪو عوام سان سراسر ظلم آهي اسان کي نٿولڳڻي ته ايندڙ وقت ۾ سستائي ٽيندي ۽ اسان سڪون جو ساه ڪٽي سگهنداسين هن وقت 500 روپيا ڏهاڙي ڪمائڻ وارو مزدور طبقو جيڪو اڳي ئي هڪ ويلو بک تي گذارينداو هو اهو فاقا ڪشي ڪرڻ تي مجبور ٿي ويو آهي اسان اعلي عملدارن کي اپيل ٿا ڪريون ته خدارا ان سليڪٽيڊ حڪومت مان اسان جي جان چڏائي ۽ پيهر اليڪشن ڪرائي وڃي جئين ايندڙ حڪومت سستائي ڪري عوام کي رليف فراهر ڪري.

بقايا سنڌيار 24

عوام کي رليف ڏنو وڃي ميرڪامران بوزدار تفصيل موجب ڏاڪٽر سميت ملير جي علاقتن ۾ درسانو چنو ارلد ٽاٽو ملير آسو گوٺ پرو گوٺ لاسي گوٺ نور خان گوٺ احسن آباد گڏاب جي مختلف علاقتن ۾ احتجاجي مظاهرو ڪري مظاهرين روڊن تي نڪري آيا ميڊيا سان گڏالهائيندي سماجي اڳواڻ ميرڪامران بوزدار ،موسا خان ،وقارعلي غلام شبيربوزدار ۽ ٻين چيو ته چيو اگر پيٽرول وڏي ويو ته اٽو ۽ ٻين کاڌي جي شين ۾ اضافو ٿيندو هڪڙو پهرين مهانگائي آهي ان جي باوجود حڪمران عوام کي پريشان ڪرڻ ۾ پورا آهن انهن چيو ته ايران ۽ ٻين ملڪن کان سستو پيٽرول خريد ڪري عوام کي رليف ڏنو وڃي اگر حڪومت پنهنجي فيصلي تي نظرثاني نه ڪئي ته پوءِ مهانگائي جا ماريل ماڻهو روڊن تي نڪري ايندا ۽ پوءِ ان جي زميوار حڪومت هوندي

بقايا سنڌيار 25

وڃهي رهي آهي سيد جلال محمود شاه وڏيڪ چيو ته مهانگائيءَ عوام جو جيئڻ جنجال ڪري چڏيو آهي آءِ ايم ايف جا آفتر شاڪس عوام کي لهڻ شروع ٿي چڪا آهن حڪومت جي ڪرپشن ۽ نااهليءَ سبب ملڪي معيشيت تباهي جي ويجهو پهچي وئي آهي ڊالر ۽ سون به تاريخ جي بلند ترين سطح تي پهچي ويو آهي ملڪ ۾ غريب ماڻهن کي فاقا ڪشي ۽ خودڪشين تي مجبور ڪيو پيو وڃي عوام جي صبر جواب ڏئي چڏيو آهي قوم جو پٽسولتي باهرين ملڪن ۾ ملڪيتون ناهيندڙن کي اين آر او ڏنو ويو آهي موجوده حڪومت مان چورڪارو حاصل ڪرڻ ملڪ ۽ عوام جي مفاد ۾ آهي پٽروليم شين جي اڳهن ۾ ڪيل ظالماڻو اضافو فوري طور تي واپس ورتي وڃي

بقايا سنڌيار 26

چوري، ٽن ڏينهن دوران ٽيل چورين جو تعداد 4 ٿي ويو. ڏڙو پوليس ۽ شهرين جي جان مال لاءِ مقرر ڪيل چوڪيدرار اڳهور نند ستل، رپورٽ موجب ڏڙو شهر ۾ مقامي پوليس جي عملداري ۾هڻ ۽ شهرين جي جان مال جي حفاظت لاءِ تائين ڪميٽي ياران چوڪيداري سسٽم متحرڪ نه هڻڻ سبب ڏوهاري ٽولا ۽ هيروئني روزانو ڪنهن نه ڪنهن شهري جي گهر ۽ دوڪان ۾ داخل ٿي چوري ڪن ٿا، ڏڙو جي شاهي بازار ۾ واقع سڪندر ميمڻ جي درزڪي دوڪان جي ٽوڙي نامعلوم چور سولر پليٽ، بيٽري، گراهڪن جا ٽهيل ڪپڙا ۽ ٻيو قيمتي سامان چوري ڪري ويا، شهري ساحر ميمڻ جي دوڪان آڇيان ٻيٽل موٽرسائيڪل چوري ڪندي هڪ ڦورو غلام حسين ملاح کي سوگهو ڪيو‌ويو ان کان اڇ نامعلوم چور سماجي اڳواڻ حبيب ميمڻ جي گهر مسن لکين روپين جو ڪاٺ هٽي ويا. اهڙي صورتحال سبب شهري عدم تحفظ جو شڪار ٿي ويا آهن، شهرين سنڊ حڪومت، ڊي آئي جي حيدرآباد ايس ايس پي سجاول ۽ ٻين اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته ڏڙو شهر مان بدامني کي روڪڻ لاءِ قدم کنيا وڃن.

بقايا سنڌيار 27

ٽي لاچار ٻڪيل آهي ڳاڻي ٽوڙ مهانگائي 30 سالن کان به مٽي جو رڪارڊ ٽوڙي چڏيو. غريب ۽ پورهيت طبقو ٻن ويلي جي مانيءَ کائڻ لاءِ ويتر سخت پريشان حال آهن تعلقي تنبو غلام حيدر جي مختلف شهرن مويا؛ ڏڻو؛ نظرپور؛ ۽ ٻين ننڍن وڏن شهرن ۾ ڪاڌي پيتي جي شين جا اڳهه ٻيڻا ٽي ويو آهي، رپورٽ موجب ڪڪڙ جو گوشت 700 روپيا في ڪلو، پاڪرو گوشت 700 روپيا في ڪلو، وڏو گوشت 700 روپيا في ڪلو، اٽو 140 روپيا في ڪلو، بيضا 300 روپيا درزن، صوف 500 روپيا في ڪلو ڪوڪنگ آئل 500 روپيا في ليٽر، مڇي 500 روپيا في ڪلو ٽماٽو 60 روپيا في ڪلو ڪيلا 120 روپيا في درجن، پٽاٽا 50 روپيا في ڪلو ڪنڊ 100 روپيا في ڪلو سميت پيون شيون مهانگي اڳهه تي ڪري ٽي ويون آهن، جنهن سبب ڏاڙي تي ڪم ڪندڙ پورهيت طبقو هاڻي پاڇيون ٻ خريد ڪري نٿا ڪائي سگهي، جڏهن ته سجاول جي ضلعي انتظاميا طرفان مهانگائي جي وڌندڙ طوفان کي روڪڻ لاءِ قانون جي ڪا عملداري قائم ڪري